# ڊرائيور جو موت





شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطّار قادري رضوي

دامت برکاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڙهيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكر بيروت)

طالب غم مدينه بقيع و مغفرت



**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: ڊرائيور جو موت

ڇاپو پهريون: رجب المرجب 1442 ھ مارچ 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جي مايہ ناز تصنيف "فيضان سنت" مان ورتل مواد بنام

# درائيور جو موت

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميہ** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

## ڊرائيور جو موت


دعاءِ عطار ........ 1
باڪمال فرشتو ........ 1
ڪاڏو ڪائڻ بہ عبادت آهي ........ 2
حلال گرهہ جي فضيلت ........ 3
ڪاڏي ڪائڻ جي نيت ڪيئن ڪجي؟ ........ 4
ڪاڏو ڪيترو ڪائڻ گهرجي ........ 4
نيّت جي اهميت ........ 4
سر مو چيو وِڏو ........ 5
ڪاڏي جون 43 نيتون ........ 6
ملي ڪري ڪائڻ جون وڌيڪ نيتون ........ 7
ڪاڏي جو وضو محتاجي دور ڪندو آهي ........ 8
ڪاڏي جو وضو گهر ۾ ڀلائي وڌائيندو ........ 8
ڪاڏي جي وضوءَ جون نيڪيون ........ 8
شيطان کان حفاظت ........ 9
بيمارين کان حفاظت جا نسخا ........ 9
ڊرائيور جو حيرت انگيز موت ........ 10
بازار ۾ ڪائڻ ........ 11
بازار جي ماني ........ 11
بازاري ڪاڏو بي برڪتو هوندو آهي ........ 12
هوٽل ۾ ڪائڻ ڪيئن آهي؟ ........ 12
موسيقيءَ جي آواز کان بچڻ واجب آهي ........ 13
ڪنن ۾ آڱريون وجهڻ ........ 13
موسيقيءَ جو آواز ايندو هجي تہ هٽي وڃو ........ 14

گھر درس جي برڪت جي حڪايت ........................ 15
ايمان جي حفاظت جو ذريعو ........................ 16
قبر جي روشني ........................ 17
قبرون جڳ مڳائي رهيون هونديون ........................ 17
گھر وارن جي اصلاح ضروري آهي ........................ 18
مڪتبة المدينه جي رسالي جي بهار ........................ 19
گھر درس جا مدني گل ........................ 20
دعاءِ عطار: ........................ 20

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ۭ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۭ

# ڊرائيور جو موت

## دعاءِ عطار

ياالله پاڪ! جيڪو 17 صفحن جو رسالو ”ڊرائيور جو موت“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي ايمان ۽ عافيت سان مديني ۾ جلوهء محبوب ۾ شهادت ۽ جنت البقيع ۾ دفن ٿيڻ نصيب فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## باڪمال فرشتو

الله پاڪ جي آخري نبي محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ شفاعت نشان آهي:”بيشڪ الله پاڪ هڪ فرشتو منهنجي قبر تي مقرر فرمايو آهي جنهن کي تمام مخلوق جا آواز ٻُڌڻ جي طاقت عطا فرمائي اٿس، پوءِ قيامت تائين جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهندو آهي ته اهو مون کي ان جو ۽ ان جي پيءُ جو نالو پيش ڪندو آهي، چوندو آهي فلاڻي پٽ فلاڻي جي اوهان تي درودِ پاڪ پڙهيو آهي.“ (مجمع الزوائد ج10 ص251 حديث 17291)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

سُبحٰن الله ! درود شريف پڙهڻ وارو ڪيڏو نہ ڀاڳن وارو آهي جو ان جو نالو پيءُ جي نالي سميت بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ پيش ڪيو ويندو آهي، هتي هي نڪتو بہ انتهائي ايمان اَفروز آهي تہ قبر مبارڪ عَلٰى صاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي حاضر فرشتي کي ايتري قدر گهڻي ٻُڌڻ جي قوت ڏني وئي آهي جو هو دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هڪ ئي وقت ۾ درود شريف پڙهڻ وارن لکين مسلمانن جي انتهائي هلڪي آواز کي بہ ٻُڌي وٺندو آهي ۽ ان کي **علم غيب** بہ عطا ڪيو ويو آهي، جو هو درود پاڪ پڙهڻ وارن جا نالا بلڪ انهن جي پيئرن جا نالا بہ ڄاڻي وٺندو آهي، جڏهن دربارِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خادم جي سماعت (يعني ٻُڌڻ) جي قوت ۽ **علم غيب** جو اهو حال آهي تہ پنهنجي اُمّت سان پيار ڪرڻ واري پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اختيارن ۽ علمِ غيب جو ڇا شان هوندو! آقا جو نہ پنهنجي غلامن کي سُڃاڻيندا ۽ ڇونہ سندن فرياد ٻُڌي ڪري **باذن الله تعالٰی** (يعني الله پاڪ جي اجازت سان) امداد فرمائيندا.

میں قُرباں اِس اَدائے دَستْ گیری پر مِرے آقا
مدد کو آگئے جب بھی پُکارا یا رسول اللہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪاڏو ڪائڻ بہ عبادت آهي

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ”ڪاڏو“ الله پاڪ جي نهايت ئي پياري نعمت آهي، ان ۾ اسان جي لاءِ طرح طرح جي لذت بہ رکي وئي آهي، سٺين سٺين نيّتن سان شريعت ۽ سنّت جي مطابق حلال ڪائڻ ثواب جو ڪم

آهي، **مفسرِ** شهير حڪيم الامت حضرت **مفتي احمد يار خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان فرمائن ٿا: ”ڪاڏو“ ۾ الله پاڪ جي عبادت آهي مومن جي لاءِ.“ وڌيڪ فرمائن ٿا، ڏسو **نڪاح** انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي سنّت آهي، پر حضرتِ سيّدُنا **يحييٰ** عَلَيْهِ السَّلَام ۽ حضرتِ سيّدُنا **عيسىٰ** روح الله عَلَيْهِ السَّلَام **نڪاح** نہ ڪيو، پر **ڪاڏو** اها سنّت آهي جو حضرتِ سيّدُنا **آدم** صفي **الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کان حضرت سيّدُنا **محمّد مصطفٰي** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين سڀني نبين ضرور ڪاڏو آهي. جيڪو شخص ”**بُک هڙتال**“ ڪري بُک جي ڪري جان ڏيندو اهو حرام موت مرندو. (تفسير نعيمي ج 8 ص 51)

سرڪارِ مدينه صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ حقيقت بنياد آهي، **”ڪائي ڪري شڪر ڪرڻ وارو ائين آهي جيئن روزو رکي صبر ڪرڻ وارو.“**

(ترمذي ج 4 ص 219 حديث 2494)

## حلال گرهہ جي فضيلت

**اسان جيڪڏهن** الله پاڪ جي پياري حبيب صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّت مطابق ڪاڏو کائون تہ ان ۾ اسان جي لاءِ برڪتون ئي برڪتون آهن.

حضرتِ سيّدُنا امام محمّد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **احياءُ العلوم** جي ٻئي جلد ۾ هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو قول نقل ڪن ٿا تہ **مسلمان جڏهن حلال ڪاڌي جو پهريون گرهہ کائيندو آهي تہ ان جا پهريان گناهہ مُعاف ڪيا ويندا آهن** ۽ جيڪو شخص حلال (روزيءَ) جي طلب لاءِ ذلت جي جڳهہ تي ويندو آهي ان جا گناهہ وڻ جي پنن وانگر ڇڻندا آهن. (احياءُ علوم الدين ج 2 ص 116)

## ڪاڏي ڪائڻ جي نيت ڪيئن ڪجي؟

**ڪائڻ** وقت بُک لڳل هئڻ سنّت آهي، ڪائڻ وقت هيءَ نيّت ڪريو تہ **الله ربّ العزّت جي عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪائي رهيو آهيان.** ڪاڏي مان فقط لذت حاصل ڪرڻ مقصد نہ هجي، حضرت **سيّدُنا ابراهيم بن شيبان** رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ ”مون اسي سالن کان ڪابہ شيءِ رڳو نفس جي لذت جي ارادي سان ناهي ڪاڏي. (احياءَ العلوم ج 2 ص 5) گهٽ ڪائڻ جي نيّت بہ ڪجي، جو عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ جي نيّت تڏهن ئي سچي ٿيندي جو تہ پيٽ پري ڪائڻ سان عبادت ۾ ويتر رڪاوٽ پيدا ٿيندي آهي! گهٽ ڪائڻ صحت جي لاءِ فائديمند آهي، اهڙي شخص کي ڊاڪٽر جي ضرورت گهٽ ئي پيش ايندي آهي.

## ڪاڏو ڪيترو ڪائڻ گهرجي

**الله پاڪ** جي سچي نبي صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ صحت نشان آهي: ”انسان پنهنجي پيٽ کان وڌيڪ خراب ٿانوُ ناهي پريندو، انسان جي لاءِ **چند گرهہ** ڪافي آهن جيڪي سندس پُٺيءَ کي سڌو رکن جيڪڏهن ائين نہ ڪري سگهي تہ ٽيون حصو ڪائڻ جي لاءِ، ٽيون حصو پاڻي جي لاءِ ۽ هڪ ٽيون حصو ساهہ جي لاءِ هجي.“ (سنّن ابن ماجہ ج 4 ص 48 حديث 3349)

## نيّت جي اهميت

**بخاري** شريف جي سڀ کان پهرين حديث پاڪ آهي، ”اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات“ يعني عملن جو دارومدار نيّتن تي آهي. (صحيح بخاري ج 1 ص 5 حديث 1) جيڪو عمل الله پاڪ جي رضا جي لاءِ ڪيو وڃي، ان ۾ ثواب ملندو آهي، رياءَ يعني جيڪڏهن ڏيکاءُ جي لاءِ ڪيو وڃي تہ اهو ئي عمل گناهہ

جو سبب بڻجي ويندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪجهه بہ نِيَّت نہ هجي تہ نہ ثواب ملندو نہ گناهہ، جڏهن تہ اهو عمل حقيقت ۾ مُباح (يعني جائز) هجي. مثال طور ڪا حلال شيءِ جيئن آئسڪريم يا منائي يا ماني کاڌي ۽ ان ۾ ڪجهه بہ نِيَّت نہ ڪئي تہ نہ ثواب ملندو نہ گناهہ. البت قيامت ۾ حساب جو معاملو درپيش ٿيندو، جيئن تہ سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ارشادِ حقيقت بنياد آهي، حَلَالُهَا حِسَابٌ وَّ حَرامُهَا عَذَابٌ يعني: ان جي حلال ۾ حساب آهي ۽ حرام ۾ عذاب. (فردوس بما ثور الخطاب ج 5 ص 283 حديث 8192)

## سرمو ڇو وڌو؟

**الله پاڪ جي عطا سان غيب جون خبرون ڏيڻ واري پياري آقا** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: بيشڪ قيامت جي ڏينهن ماڻهوءَ کان ان جي هر هر ڪم، ايتري تائين جو اک جي سرمي جي باري ۾ بہ پڇيو ويندو.“ (حلية الاولياء ج10 ص 31 حديث 14404) تنهنڪري عافيّت ان ۾ ئي آهي تہ پنهنجي هر مباح ڪم ۾ سٺيون سٺيون نيّتون شامل ڪيون وڃن. جيئن تہ هڪ بزرگ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: مان هر ڪم ۾ نيّت پسند ڪندو آهيان، ايتري تائين جو ڪائڻ پيئڻ، سمهڻ ۽ بيت الخلاء ۾ داخل ٿيڻ جي لاءِ بہ. (احياءُ العلوم ج 4 ص 126) تاجدار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظيم الشان آهي، ”**مسلمان جي نيّت ان جي عمل کان بهتر آهي**“. (طبراني معجم ڪبير ج 6 ص 185 حديث 5942) نيّت دل جي ارادي کي چوندا آهن، زبان سان چوڻ شرط ناهي، بلڪ زبان سان نِيَّت جا لفظ چيا پر دل ۾ نيّت موجود نہ هئي تہ نيّت ئي نہ چَوَرائبي ۽ ثواب نہ ملندو. **کاڌي جون 43 نيتون** خدمت ۾ حاضر آهن، انهن مان جيڪي حالت مطابق هجن ۽ ممڪن هجن اهي ڪري

چڏڻ گهرجن، هي بہ عرض ڪندو هلان تہ اهي نيّتون مڪمل ناهن، نيّت جو علم رکڻ وارو ان جي ذريعي ٻيون ڪيتريون ئي نيّتون ڪري سگهي ٿو، جيتريون نيتون گهٽيون هونديون اوترو ئي ثواب بہ گهٽو ملندو. اِنْ شَآءَاللّٰه

## ڪاڏي جون 43 نيتون

﴿1﴾ ڪاڏي کان اڳ ۽ پوءِ وارو وضو ڪندس (**يعني هٿ ۽ وات جو اڳيون حصو ڌوئيندس ۽ ڪُرڙيون ڪندس**) ﴿2﴾ ڪاڏو ڪائي ڪري عبادت ﴿3﴾ تلاوت ﴿4﴾والدين جي خدمت ﴿5﴾ علمِ دين حاصل ڪرڻ ﴿6﴾ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ سفر﴿7﴾ علائقائي دورو براءِ نيڪيءَ جي دعوت ۾ شرڪت ﴿8﴾ آخرت جي معاملن ۾ ۽ ﴿9﴾ ضرورت مطابق حلال روزي ڪمائڻ خاطر پيچ ڊڪ لاءِ قوت حاصل ڪندس. (اهي نيّتون انهيءَ صورت ۾ فائديمند ٿينديون جڏهن بُک کان گهٽ ڪاڏو وجي، خوب پيٽ ڀري ڪائڻ سان ويتر عبادت ۾ سُستي پيدا ٿيندي آهي، گناهن ڏانهن رجحان وڌندو آهي ۽ پيٽ جون خرابيون پيدا ٿينديون آهن) ﴿10﴾ زمين تي ﴿11﴾ سنّت جي پيروي ۾ دستر خوان تي ﴿12﴾(چادر يا قميص جي دامن جي ذريعي) پردي ۾ پردو ڪري ﴿13﴾ سنّت جي مطابق ويهي ڪري ﴿14﴾ ڪائڻ کان اڳ ۾ بِسْمِ اللّٰه ۽﴿15﴾ ٻيون دعائون پڙهي ڪري﴿16﴾ ٽن آڱرين سان﴿17﴾ ننڍا ننڍا گرهہ ناهي ڪري﴿18﴾ چڱي طرح چٻاڙي ڪائيندس ﴿19﴾ هر گرهہ تي يَاوَاجِدُ پڙهندس (يا گرهہ جي ختم ٿيڻ تي اَلْحَمْدُلِلّٰه ۽ هر گرهہ جي شروع ۾ يَاوَاجِدُ ۽ بِسْمِ اللّٰه) ﴿20﴾جيڪو داڻو وغيره ڪِري پيو اهو کڻي

ڪري ڪائي ڇڏيندس ﴿21﴾ مانيءَ جو هر گرهه پاڇيءَ جي ٽانوَ جي مٿان ڪري پچندس (تہ جيئن مانيءَ جا ذرڙا ٽانوَ ۾ ئي ڪِرن) ﴿22﴾ هڏيون ۽ گرم مصالحو وغيره چڱي طرح صاف ڪرڻ ۽ چٽڻ ڪانپوءِ اڇلائيندس ﴿23﴾ ٻُڪ کان گهٽ کائيندس ﴿24﴾ آخر ۾ سنّت جي ادائيگيءَ جي نيّت سان ٽانوَ ۽ ﴿25﴾ ٿي پيرا آڱريون چٽيندس ﴿26﴾ ڪاڏي جو ٽانءُ ڌوئي پيئي ڪري هڪ غلام آزاد ڪرڻ جي ثواب جو حقدار بڻجندس ﴿27﴾ جيستائين دسترخوان نہ کنيو وڃي ان وقت تائين بنا ضرورت جي نہ اٿندس (جو هي بہ سنّت آهي) ﴿28﴾ ڪاڏي ڪانپوءِ مسنون دعائون اوّل ۽ آخر درود شريف سميت پڙهندس ﴿29﴾ خلال ڪندس. (يعني ڏندن جي وڇين مان ڪاڏي جا ذرا ڪيندس)

## ملي ڪري کائڻ جون وڌيڪ نيتون

﴿30﴾ دسترخوان تي جيڪڏهن ڪو عالم يا بزرگ موجود هوندو تہ انهن کان اڳ ۾ ڪاڌو شروع نہ ڪندس ﴿31﴾ مسلمانن جي ويجهڙائيءَ جون برڪتون حاصل ڪندس. ﴿32﴾ انهن جي خدمت ۾ ٻوٽي، ڪدو شريف، ڪرڙ ۽ پاٽي وغيره پيش ڪري انهن جي دل خوش ڪندس (ڪنهن جي پليٽ ۾ پنهنجي هٿ سان کڻي ڪري وجهڻ آداب جي خلاف آهي، جيڪا شيءِ اسان وڏي تي سگهي تو تہ ان وقت ان کي ان جي خواهش نہ هجي) ﴿33﴾ انهن جي سامهون مُرڪي صدقي جو ثواب ڪمائيندس ﴿34﴾ ڪنهن کي مُرڪندو ڏسي ڪري ان جي مسنون دعا پڙهندس (مُرڪندو ڏسي پڙهڻ جي دعا اَضۡحَکَ اللّٰہُ سِنَّکَ يعني: الله عَزَّوَجَلَّ توکي سدائين کِلندو رکي) (صحيح بخاري ج 4 ص 403 حديث 3294) ﴿35﴾ ڪاڏي

جون نيّتون ۽ ﴿36﴾ سنّتون ٻُڌائيندس ﴿37﴾ موقعو مليو تہ ڪائڻ کان اڳ ۽ ﴿38﴾ بعد جون دعائون پڙهائيندس. ﴿39﴾ ڪاڌي جو سنو حصو مثلاً ٻوٽيون وغيره حرص کان بچندي ٻين جي لاءِ ايثار ڪندس (تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ بخشش نشان آهي، ”جيڪو شخص ان شيءِ کي جنهن جي پاڻ ان کي ضرورت هجي ٻئي کي ڏئي ڇڏي تہ الله پاڪ ان کي بخشي ڇڏيندو آهي“) (اتحاف السادة المتقين ج 9 ص 779) ﴿40﴾ انهن کي خلال ۽ ﴿41﴾ ٽن آڱرين سان ڪائڻ جي عادت وجهڻ جي لاءِ ربڙ بيند جو تحفو پيش ڪندس﴿42﴾ ڪاڌي جي هر گرهہ تي تي سگهيو تہ ان نيّت سان بلند آوازسان يَاوَاجِدُ چوندس جو ٻين کي بہ ياد اچي وڃي.

## ڪاڌي جو وضو محتاجي دور ڪندو آهي

**حضور سيدِالمرسلين** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ رحمت بنياد آهي، ڪاڌي کان پهريان ۽ بعد ۾ وضو ڪرڻ محتاجي کي دور ڪندو آهي ۽ اها مرسلين (عَلَيْهِمُ السَّلَام) جي سنّتن مان آهي. (المعجم الاوسط ج 5 ص 231 حديث 7166)

## ڪاڌي جو وضو گهر ۾ ڀلائي وڌائيندو

الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو، ”جيڪو هي پسند ڪري تہ الله پاڪ ان جي گهر ۾ خير (يعني ڀلائي) وڌائي تہ جڏهن ڪاڌو حاضر ڪيو وڃي (تہ) وضو ڪري ۽ جڏهن کنيو وڃي (تہ) ان وقت بہ وضو ڪري.“ (ابن ماجه شريف ج 4 ص 9 حديث 3260)

## ڪاڌي جي وضوءَ جون نيڪيون

**اُمُّ الْمؤمنين** حضرت سيّدتنا عائشه صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، ”ڪاڌي کان اڳ **وضو** ڪرڻ

هڪ **نيڪي** ۾ ڪاڏي ڪان پوءِ ڪرڻ **پ نيڪيون** آهن.“ (جامع صغير ص 574 حديث 9682)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ڪاڏو ڪائڻ ڪان پهريان ۽ ڪائڻ ڪان بعد هٿ وغيره ڌوئڻ ۾ سُستي نہ ڪرڻ گهرجي، خدا جو قسم ”هڪ نيڪيءَ“ جي اصل حقيقت قيامت جي ڏينهن ئي خبر پوندي، جڏهن ڪنهن جي رُڳو هڪ ئي نيڪي گهٽ هوندي اهو پنهنجي عزيزن ڪان رُڳو هڪ نيڪي جو سوال ڪندو پر ڏيڻ جي لاءِ ڪو تيار نہ هوندو.

## شيطان کان حفاظت

**ٻنهي جهانن جي سردار، مڪي مديني جي تاجدار** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ برڪت نشان آهي، ”ڪاڏي ڪان پهريان ۽ پوءِ وضو (يعني هٿ ۽ وات ڌوئڻ) رزق ۾ ڪشادگي ڪندو آهي ۽ شيطان ڪي دور ڪندو آهي.

(ڪنزالعمال ج 10 ص 106 حديث 40755)

## بيمارين ڪان حفاظت جا نسخا

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ڪاڏي جي وضوءَ مان مُراد نماز وارو وضو ناهي بلڪ ان ۾ ٻئي هٿ ڪارائين تائين ۽ وات جو اڳيون حصو ڌوئڻو ۽ گرڙي ڪرڻي هوندي آهي. **مفسرِ** شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ فرمائن ٿا ”توريت شريف ۾ ٻہ ڀيرا هٿ ڌوئڻ ۽ گرڙي ڪرڻ جو حڪم هو ڪاڏي ڪان اڳ ۾ ۽ ڪاڏي ڪانپوءِ پر يهودين صرف بعد وارو باقي رکيو، پهرئين جو ذڪر مٽائي ڇڏيو، ڪاڏي ڪان اڳ ۾ هٿ ڌوئڻ ۽ گرڙي ڪرڻ جي ترغيب ان لاءِ آهي تہ عمومًا ڪم ڪار جي ڪري هٿ ۾ ڏند ميرا ٿي

ويندا آهن ۽ کائڻ کان بعد هٿ ۽ وات سٽيا تي ويندا آهن، تنهنکري بئي وقت صفائي ڪئي وڃي. ڪاڏو ڪائي ڪري گرڙي ڪرڻ وارو شخص ان شآءالله ڏندن جي موذي مرض پائيريا (PHYORRHEA) کان محفوظ رهندو، وضوءَ ۾ ڏندڻ جو عادي ڏندن ۽ معدي جي بيمارين کان بچيل رهندو آهي. **ڪاڏي کان فورًا بعد پيشاب ڪرڻ جي عادت وجهو ان سان گردن ۽ مثاني جي بيمارين کان حفاظت ٿيندي آهي، هي گهٽو مجرب (يعني آزمايل) آهي."** (مراة شرح مشکوٰة ج 6 ص 32)

## ڊرائيور جو حيرت انگيز موت

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** يقينًا سنّت ۾ عظمت آهي، جتي سنّت تي عمل ڪرڻ ۾ ثواب ملندو آهي اتي ان جا دنياوي فائدا بہ هوندا آهن، ڪاڏي کان اڳ ۾ بئي هٿ ڪارائين تائين ڌوئڻ سنّت آهي. وات جو اڳيون حصو ڌوئڻ ۽ گرڙي بہ ڪري ڇڏڻ گهرجي ڇوتہ هٿن سان مختلف ڪم ڪيا ويندا آهن ۽ اهي مختلف شين سان لڳندا رهندا آهن تنهنڪري مٿانئن مر مٽي ۽ ڪيترن ئي قسمن جا جراثيم لڳي ويندا آهن. ڪاڏي کان پهريان هٿ ڌوئڻ سان انهن جي صفائي ٿي ويندي آهي ۽ ان سنّت جي برڪت سبب اسان ڪيترين ئي بيمارين کان بچي ويندا آهيون، ڪاڏي کان اڳ ۾ ڌوتل هٿ نہ اگهيا وڃن جو ٽوال وغيره جا جراثيم هٿن ۾ لڳي سگهن ٿا. چيو وڃي ٿو تہ هڪ **ٽرڪ ڊرائيور** هوٽل ۾ ماني ڪاڏي ۽ ڪائڻ کان فورًا بعد تڙپي تڙپي مري ويو، ٻين ڪيترن ئي ماڻهن بہ ان هوٽل ۾ ماني ڪاڏي پر انهن کي ڪجهہ بہ نہ ٿيو، تحقيق ڪئي وئي تہ ڪنهن ٻڌايو تہ ڊرائيور ڪاڏي کان اڳ ۾

هوٽل جي پرسان ٽرڪ جي ٽائرن کي چيڪ ڪيو هيو بعد ۾ بنا هٿ ڌوئڻ جي ان ماني کاڌي هئي. جنهن بعد ٽرڪ جي ٽائرن کي چيڪ ڪيو ويو تڏهن اهو انڪشاف ٿيو ته ڦيٿي جي هيٺان هڪ زهريلو نانگ چيپاٽجي ويو هو جنهن جو زهر ٽائر تي ڦهلجي ويو ۽ اهو ڊرائيور جي هٿن تي لڳي ويو، **هٿ نه ڌوئڻ جي سبب کاڌي سان گڏ اهو زهر پيٽ ۾ هليو ويو جيڪو ڊرائيور جي ٽُرت موت جو سبب بڻيو.**

الله کی رَحمت سے سُنّت میں شَرافت ہے   سرکار کی سنّت میں ہم سب کی حفاظت ہے

## بازار ۾ کائڻ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: ”بازار ۾ کائڻ بُرو آهي.“ (جامع صغير ص 184 حديث 3073) **صدرالشريعه بدرالطريقه** حضرت علامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ فرمائن ٿا، ”رستي ۽ بازار ۾ کائڻ مکروه آهي.“

(بهارِ شريعت حصو 16 ص 19)

## بازار جي ماني

**حضرت** سيِّدُنا امام برهان الدين ابراهيم زَرنُوجي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ فرمائن ٿا، امامِ جليل حضرتِ سيِّدُنا محمّد بن فضل رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ تعليم جي دوران ڪڏهن به بازار مان کاڌو نه کاڌائون، سندن والد صاحب هر جمعي تي پنهنجي ڳوٺان سندن لاءِ کاڌو آڻيندا هئا، هڪ ڀيري جڏهن هو کاڌو ڏيڻ آيا ته سندن ڪمري ۾ بازار جي ماني رکيل ڏسي سخت ناراض ٿيا ۽ پنهنجي پٽ سان ڳالهايائون به نه، صاحبزادي معذرت ڪندي عرض ڪيو ته ”بابا سائين! هيءَ ماني بازار مان مون ناهي آندي منهنجو دوست

منهنجي رضا منديءَ جي بغير وني آيو آهي. والد صاحب اهو ٻُڌي ڏاڍا ڪاوڙيا ۽ چيو ته جيڪڏهن تنهنجي اندر تقويٰ هجي ها ته تنهنجي دوست کي اها جرئت نه ٿئي ها.” (تعليم المتعلم طريق التعلم ص 67)

## بازاري کاڌو بي برڪتو هوندو آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو! ته اسان جا بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن تقويٰ جو ڪيڏو خيال رکندا هئا ۽ پنهنجي اولاد جي ڪهڙي زبردست تربيت فرمائيندا هئا، جو هوٽل جون ۽ بازاري غذائون انهن کي کائڻ نه ڏيندا هئا. حضرت امام زَرنوجي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ”جيڪڏهن ممڪن هجي ته غيرفائديمند ۽ بازاري کاڌي کان پرهيز ڪرڻ گهرجي، ڇو ته بازاري کاڌو انسان کي خيانت ۽ گندگي جي قريب ۽ خدا جي ذڪر کان پري ڪري ڇڏيندو آهي. ان جو سبب هي آهي ته بازار جي کاڌن تي غريبن ۽ فقيرن جون نظرون به پونديون رهنديون آهن ۽ اهي پنهنجي غربت جي سبب ان کاڌي کي خريد ڪري ناهن سگهندا ته مايوس ٿي ويندا آهن ۽ ائين ان کاڌي مان برڪت ختم ٿي ويندي آهي.“ (ايضًا ص 88)

## هوٽل ۾ کائڻ ڪيئن آهي؟

**بازارن** ۾ نيلن(ريڙهن) ۽ اسٽالن وغيره تي قِسم قِسم جي تيز مثالن وارين غِذائن جا مزا وٺڻ وارا هن مان درسِ عبرت حاصل ڪن. جڏهن بازار ۾ کائڻ بُرو آهي ته فلمي گانن جي آوازن ۾ هوٽل جي اندر کائڻ، چانهه جون سُرڪيون پرڻ ۽ ٿڌا مشروب پيئڻ ڪيڏو نه بُرو

هوندو! جيڪڏهن گانا نہ بہ وڄي رهيا هجن تڏهن بہ هوٽلن جو ماحول اڪثر غفلتن پريو هوندو آهي، ان ۾ وڃي ڪري ويهڻ شريفن ۽ باشرع ماڻهن جو شان ناهي، تنهنڪري جيڪڏهن ضرورت هجي تڏهن بہ خريد ڪري ڪنهن محفوظ جڳهہ تي کائڻ پيئڻ ۾ ئي ڀلائي آهي، ها جيڪو مجبور آهي اهو معذور آهي، پر جڏهن هوٽل ۾ فلمن ڊرامن يا گانن باڄن جو سلسلو هجي تہ اتي نہ وڃي جو ڄاڻي واڻي موسيقيءَ جو آواز ٻڌڻ گناهہ آهي جيئن تہ

## موسيقيءَ جي آواز کان بچڻ واجب آهي

**حضرتِ سيّدُنا علامہ شامي** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا، ”(جهمريون هڻندي) نچڻ، مذاق ڪرڻ، تاڙيون وڄائڻ، سِتار(يعني تنبوري) جون تارون وڄائڻ، سُرندو، سَارنگي، رَباب (سارنگي جهڙو ساز) بانسري، قانون (هڪ قسم جو ساز)، جهانجهر (پازيب) ۽ توتارو وڄائڻ مڪروهہِ تحريمي (يعني حرام جي قريب) آهي. ڇو تہ اهي سڀ ڪافرن جا طريقا آهن گڏوگڏ بانسري ۽ (موسيقي جي) ٻين سازن کي ٻُڌڻ بہ حرام آهي جيڪڏهن اوچتو ٻُڌي ورتائين تہ معذور آهي ۽ ان تي واجب آهي تہ نہ ٻُڌڻ جي پوري ڪوشش ڪري. (ردالمحتار ج 9 ص 566)

## ڪنن ۾ آڱريون وجهڻ

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! خوشنصيب آهن اهي مسلمان جيڪي ربّ ڪائنات جو ڪلام، شاهِ موجودات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي نعت ۽ سنّتن ڀريا بيان ٻُڌندا آهن ۽ فلمي گانن ۽ موسيقي جي آواز اچڻ تي خوفِ خداوندي جي سبب نہ ٻُڌڻ جي پوري ڪوشش ڪندي ڪنن ۾ آڱريون

وجهي ڪري اتان ڪان يڪدم پري هٽي ويندا آهن، جيئن حضرت نافع رَضِیَ اللہُ عَنْهُ فرمائن ٿا، مان ننڍپڻ ۾ حضرت سيّدُنا **عبدالله** ابن عمر رَضِیَ اللہُ عَنْهُمَا سان گڏ ڪٿي وڃي رهيو هئس تہ رستي ۾ مِزمار (يعني باجا) وڄائڻ جو آواز اچڻ لڳو حضرت ابن عمر رَضِیَ اللہُ عَنْهُمَا **پنهنجي ڪنن ۾ آڱريون وجهي ڇڏيون** ۽ رستي کان ٻي طرف هٽي ويا ۽ پري وڃڻ ڪانپوءِ پُڇيائون، "نافع! آواز اچي رهيو آهي؟ مون عرض ڪيو هاڻي نہ ٿو اچي تہ ڪنن مان آڱريون ڪڍيائون ۽ ارشاد فرمايائون" هڪ ڀيري مان سرڪارِ مدينهءِ منوره، سردارِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ ڪٿي وڃي رهيو هئس، حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهڙي طرح ڪيو هو جيئن مون ڪيو." (ابوداود ج 4 ص 307 حديث 4924)

## موسيقيءَ جو آواز ايندو هجي تہ هٽي وڃو

معلوم ٿيو تہ جيئن ئي موسيقيءَ جو آواز اچي تہ يڪدم ڪنن ۾ آڱريون وجهي اتان ڪان پري هٽي وڃجي ڇو تہ جيڪڏهن آڱريون تہ ڪنن ۾ وجهي ڇڏيون پر اتي بيٺا يا ويٺا رهيؤ يا ٿورو پري هٽي ويؤ، تہ موسيقي جي آواز کان بچي نہ سگهندؤ، آڱريون ڪنن ۾ پلي نہ وجهو پر ڪيئن بہ ڪري موسيقيءَ جي آواز کان بچڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪرڻ واجب آهي، افسوس! افسوس! صد ڪروڙ افسوس! هاڻي تہ گاڏين، جهازن، گهرن، دڪانن، گهٽين ۽ بازارن ۾ جنهن طرف بہ هليا وڃو موسيقي جون ڌنون ۽ گانن جا آواز ٻُڌڻ ۾ ايندا آهن ۽ جيڪو عاشقِ رسول ڪنن ۾ آڱريون وجهي ڪري پري هٽي ويندو آهي، ان جو مذاق اڏايو ويندو آهي.

وہ دور آیا کہ دیوانہ نبی کیلئے
ہر ایک ہاتھ میں پتھّر دکھائی دیتا ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! **دعوتِ اسلامي**ءَ جي ديني ماحول سان وابسته رهڻ سان اهڙيون ته حيرت انگيز تبديليون اينديون آهن جو ڪيترائي پيرا اسلامي ڀائرن ڪي چوندي ٻُڌو ويو آهي ته ڪاش! اسان کي گهٽ وقت اڳ ۾ دعوتِ اسلامي جو **ديني ماحول** ملي ويو هجي ها! دعوتِ اسلامي جي **ديني ماحول** جي برڪتن سان مالامال هڪ مدني بهار ملاحظ فرمايو. جيئن ته

## گهر درس جي برڪت جي حڪايت

**آگولا** (مهارا شٽر هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ ڪجهه هن طرح جو بيان ڏنو ته بدمذهبن سان تعلقات جي سبب اسان جو گهراڻو بدعمليءَ سان گڏوگڏ بدعقيدگيءَ ڏانهن وڌي رهيو هو. هڪ ڏينهن اسان سيئي گهر وارا ملي ڪري ٽي وي ڏسڻ ۾ مشغول هئاسين ته منهنجو سترهن سالن جو ننڍو ڀاءُ جيڪو **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن ڀري اجتماع ۾ اچڻ وڃڻ لڳو هو، اهو ٽي وي جي طرف پٺي ڪري هلندي ڪمري ۾ داخل ٿيو ۽ پنهنجي ڪا شيءِ الماڙيءَ مان ڪڍي انهيءَ انداز ۾ واپس موٽيو ان جي اها عجيب ۽ غريب حرڪت ڏسي ڪري مون ڪاوڙ ۾ چيو ڇا تنهنجو دماغ خراب ٿي ويو آهي جو اڄ ٻاراڻي حرڪت ڪري رهيو آهين هو بنا جوابي ڪاروائي ڪرڻ

جي ٻي ڪمري ۾ هليو ويو والده صاحبہ وضاحت ڪئي تہ ان مون کي ٻڌايو هو تہ مون قسم کنيو آهي تہ آئنده تي وي ڏانهن ڏسندس بہ نہ! مون ڪاوڙجي نندي ڀاءُ سان ڳالھ ٻولھ بند ڪري ڇڏي، ان گھر ۾ سيني کي گڏ ڪري **فيضانِ سنت** جو درس جاري ڪيو مان ان ۾ نہ ويهندو هئس، هڪ ڏينهن مان ويجهو تي ڪري ويهي رهيس تہ ٻڌان تہ سهي هي درس ۾ ڇا تو ٻڌائي، ٻڌم تہ ڏاڍو سٺو لڳو، تنهنڪري مان روزانو **گھر درس** ۾ شريڪ ٿيڻ لڳس. آهستي آهستي منهنجي دل جي ڪاراڻ دور ٿيڻ لڳي، ايتري تائين جو دعوتِ اسلامي جي **هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع** ۾ حاضري ڏيڻ لڳس، اَلحَمدُلله ڳالھ سمجھ ۾ اچي وئي، بدمذهبن جي صحبت مان جان ڇڏايم ۽ چهري تي ڏاڙهي سجايم گڏوگڏ بدعقيده مقرّر جون گمراھ ڪندڙ ڪيسٽون جيڪي شوق سان ٻڌندو هئس، هاڻي ان جي جڳھ تي **مڪتبة المدينه** جي طرفان جاري ٿيڻ وارن سنّتن ڀري بيانن جون ڪيسٽون ٻڌڻ لڳس.

بُری صحبتوں سے کنارہ کشی کر اور اچھوں کے پاس آ کے پا مَدَنی ماحول
تمہیں لطف آ جائیگا زندگی کا قریب آ کے دیکھو ذرا مَدَنی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايمان جي حفاظت جو ذريعو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! اَلحَمدُلله **گھر درس** ۾ گھر وارن جي ايمان جي تحفظ ۽ عملن جي اصلاح جا اسباب موجود آهن، اهڙي طرح اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي اخلاقي تربيت جي لاءِ **فڪرِ مدينه** جي ذريعي روزانو **نيڪ اعمال** جو ڪارڊ ڀرڻ جي بہ سيٽنگ آهي ۽ ان

ڪارڊ ۾ درج ٽيل ٽيويهين ۽ چوويهين نيڪ عمل مطابق هر هڪ کي روزانو **فيضانِ سنت** مان **بہ درس** ڏيڻ يا ٻُڌڻ جي ترغيب بہ موجود آهي، انهن ٻنهي درسن ۾ هڪ” گهر درس“ بہ آهي. توهان سيني جي خدمت ۾ گهر درس جاري ڪرڻ جي **مدني التجا** آهي.

عمل کا ہو جذبہ عطا یاالٰہی گناہوں سے مجھ کو بچا یا الٰہی
سعادت ملے درسِ فیضانِ سنّت کی روزانہ دو مرتبہ یاالٰہی

## قبر جي روشني

**درس** ۽ بيان جي ثواب جي بہ ڇا ڳالھ ڪجي! حضرت علامہ **مولانا جلال الدين سيوطي شافِعي** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ”شرح الصّدور“ ۾ نقل ڪن ٿا تہ ”الله تبارڪ وتعاليٰ حضرت سيّدُنا موسيٰ **ڪليم الله** عَلَيْهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام ڏانهن وحي موڪلي، **”ڀلائيءَ جون ڳالهيون پاڻ بہ سکو ۽ ٻين کي بہ سيکاريو، مان ڀلائي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن جي قبرن کي روشن فرمائيندس تہ جيئن انهن کي ڪنهن بہ قسم جي وحشت نہ ٿئي.“** (حلية الاوليا ج 6 ص 5 حديث 7622)

## قبرون جڳ مڳائي رهيون هونديون

**هن** روايت مان نيڪيءَ جي ڳالھ سکڻ ۽ سيکارڻ جو اجر ۽ ثواب معلوم ٿيو، سنّتن ڀريو بيان ڪرڻ يا درس ڏيڻ ۽ ٻُڌڻ وارن جا ڀاڳ ئي ڀلا ٿي ويندا، اِن شآءالله انهن جون قبرون اندران جڳ مڳائي رهيون هونديون ۽ انهن کي ڪنهن قسم جو خوف محسوس نہ ٿيندو، **انفرادي ڪوشش** ڪندي نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ وارن، **مدني قافلن** ۾ سفر ۽ غور و فڪر ڪري **نيڪ اعمال** جو ڪارڊ روزانو ڀرڻ جي ترغيب

ڏيارڻ وارن ۾ سنّتن ڀري اجتماع جي دعوت پيش ڪرڻ وارن ۾ پڻ مبلغن جي نيڪي جي دعوت ڪي ٻُڌڻ وارن جون قبرون بہ ان شآءالله حضورِ مُفِيْضُ النُّور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نور جي صدقي نورُ عليٰ نور ٿينديون.

قبر میں لہرائیں گے تاحشر چشمے نور کے
جلوہ فرما ہوگی جب طلعت رسول اللہ کی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## گھر وارن جي اصلاح ضروري آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! پنهنجي ۽ پنهنجي گھر وارن جي اصلاح اسان تي ضروري آهي جيئن تہ سيپاري 28 سُوْرَةُ التَّحْرِيْمِ **جي آيت نمبر 6 ۾ الله پاڪ جو ارشاد آهي،**

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَاَهْلِيْكُمْ نَارًا وَّقُوْدُهَا النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ (پ 28 التحريم:6)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ”اي ايمان وارؤ! پنهنجي جانين ۽ پنهنجي گھر وارن ڪي ان باهہ ڪان بچايو جنهن جا ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن.“

اَلْحَمْدُلِله ! ”گھر درس“ جي ذريعي بہ هن آيتِ ڪريمہ ۾ ڏنل حڪم تي عمل ممڪن ٿي ويندو، ڳڏو ڳڏ هن ضمن ۾ مڪتبة المدينه کان جاري ڪيل سنّتن ڀريا رسالا پڙهڻ پڙهائڻ ۽ سنّتن ڀري بيانن ۽ مدني مذاڪري جون ڪيسٽون گھر ۾ هلائڻ بہ مفيد آهن. اَلْحَمْدُلِله

سنّتن ڀري رسالن ۽ ڪيسٽن جي ذريعي بہ ڪيترن ئي ماڻهن جي اصلاح جا واقعا ملن ٿا جيئن تہ

## مڪتبة المدينہ جي رسالي جي بهار

**ضلعي بهاولپور** (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ اسڪول ۾ بُري ماحول جي سبب فلمن جو جُنون جي حد تائين شوقين ٿي ويو هئس، صرف فلمون ڏسڻ لاءِ ٻين شهرن مثال طور: لاهور، اوڪاڙه، وغيره ايتري تائين جو ڪراچي تائين پهچي ويندو هئس. گندين فلمن جي نُحُوست جي ڪري مَعاذَالله بي پرده ڇوڪرين جو ڪاليج تائين پيڇو ڪرڻ ۽ روزانو ڏاڙهي ڪوڙائڻ منهنجي عادت هئي، نُحوست مٿان نُحُوست هي تہ مون تي ٿيٽر ۾ ۽ سرڪس ۾ موت جي کوهہ جي اندر ڪم ڪرڻ جو ڀوت سوار ٿي ويو، گهر وارا انتهائي پريشان هئا، هڪ ڏينهن والد صاحب **دعوتِ اسلاميءَ** جي ذميدارن سان ڳالهہ ڪري علائقي جي **عاشقانِ رسول** سان گڏ مدني قافلي ۾ سفر تي موڪلي ڇڏيو، آخري ڏينهن اميرِ قافله مون کي ”**ڪالے بچھو**“ (مطبوعه مڪتبة المدينه) نالي رسالو پڙهڻ جي لاءِ ڏنو، مان پڙهيو تہ ڏجي ويس، يڪدم گناهن کان توبهہ ڪيم ۽ چهري تي هڪ مٺ ڏاڙهي سجائڻ جي نيّت ڪيم. واپسي تي دعوتِ اسلامي جي ٿيڻ واري هفتيوار **سنّتن ڀري اجتماع** ۾ شرڪت ڪيم ۽ مڪتبة المدينہ جي طرف کان جاري ٿيڻ واري بيان جي ڪيسيٽ جنهن جو نالو ” ڈھل جائے گی یہ جوانی “ هيو. خريد ڪيم ۽ جڏهن گهر اچي ڪري بيان ٻُڌم تہ ان منهنجي دل جي دنيا ئي بدلائي ڇڏي! اَلحَمدُلله مان پابنديءَ سان نمازون پڙهڻ لڳس ۽ دعوتِ اسلاميءَ جو مدني ڪم شروع ڪيم، اَلحَمدُلله هن وقت (هي بيان ڏيڻ وقت) مان پنهنجي شهر ۾

**مدني قافلہ ذميدار** جي حيثيت سان **دعوتِ اسلاميءَ** جو مدني ڪم ڪري رهيو آهيان.

## گھر درس جا مدني گل

تمام اسلامي ڀائر پنهنجي گھر وارن تي انفرادي ڪوشش ڪري گھر درس ۾ شرڪت ڪرڻ جي لاءِ تيار ڪيو، پر ان جي لاءِ ضد نہ ڪيو وڃي ڇوتہ ٻي جا ضد ۽ غصي سان ڪم بگڙي ويندو آهي.

گھر درس شروع ڪرڻ جي لاءِ گھر جي ان فرد تي پهريان ڪوشش ڪيو، جنهن جي دل ۾ توهان جي لاءِ ڪجھ نرم گوشہ هجن، جيڪڏهن اهو شامل ٿي ويندو تہ آهستہ آهستہ ٻيو بہ شامل ٿي ويندو ائين تعداد وڌندو ويندو پر اهو معاملو آزمائش جو آهي، هن ۾ صبر جو دامن پڪڙي رکڻو پوندو.

## دعاءِ عطار:

ياالله! مونکي ۽ جيڪي گھر درس ڏين تا يا ڏين ٿيون انهن سيني کي بلڪ اسان سيني کي پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڙي ۾ جنّتُ الفردوس ۾ جڳھ عطا فرماءِ. ياالله پاڪ! جيڪو رهندي دنيا تائين دعوتِ اسلامي سان وابستہ رهندي گھر درس جي ترڪيب ڪندو رهندو انهن جي حق ۾ بہ منهنجون هي ٽتل ڦٽل دعائون قبول فرماءِ. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو "فڪرِ مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار ڪي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ **"مدني انعامات"** تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ **"مدني قافلن"** ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل






عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net